# ادب جي ارتقا

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ٤٣ ڪتاب

# سنڌي ا-ب جي ارتقا

(ايم - اي فائنل سنڌيءَ لاءِ ١٩٦٢ع ۾ پيش ڪيل مونوگراف)

مصنف

اسسٽنٽ پروفيسر عبدالڪريم لغاري

سنواريندڙ

پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي

ناشر

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي، سنڌ

اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

[ڇاپو پهريون تعداد هڪ هزار]

ڊسمبر ١٩٧٦ع مطابق ١٣٩٦هه

قيمت [redacted]

ملڻ جو هنڌ

ميسرس: ادبيات، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

سول ايجنٽ

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پبليڪيشنس

ڪور ڊزائين:- خدا بخش ابڙو

هي ڪتاب، اعجاز محمد صديقي، مئنيجر، سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڇاپيو ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ڪئمپس ضلعو دادو سنڌ پڌرو ڪيو.

# فهرست


| صفحو | عنوان | باب |
|---|---|---|
| | ناشر طرفان ٻه اکر | |
| ١-١٨ | ٻولي جي وصف کان عربي الف - ب تائين | پهريون :- |
| ١ | (i) ٻولي | |
| ٢ | (ii) تحريري | |
| ٣ | (iii) الف - ب | |
| ٥ | (iv) دنيا ۾ الف ب جي ابتدا ۽ ارتقا | |
| ٦ | (v) ڪيونيفارم | |
| ٨ | (vi) هيرو غلفي | |
| ١٠ | (vii) ايجاد ڪندڙ ڪير؟ | |
| ١٣ | (viii) عربي الف - ب | |
| ١٩-٢٧ | سنڌي ٻولي ۽ قديم رسم الخط | ٻيون:- |
| ١٩ | (i) قديم زمانو | |
| ٢٨-٤٣ | موجوده سنڌي الف - ب جي ابتدا ۽ ارتقا | ٽيون:- |
| ٢٨ | (i) عربن وارو دور | |
| ٤١ | (ii) سومرن واري دور کان مغلن جي دور جي پڇاڙيءَ تائين | |
| ٤٤-٧٤ | سنڌي الف - ب جي ارتقا | چوٿون :- |
| ٤٤ | (i) ڪلهوڙن ۽ ميرن وارو دور | |
| ٧٥-٨٩ | موجوده سنڌي الف - ب جي تشڪيل | پنجون:- |
| ٧٥ | (i) انگريزن وارو دور | |
| ٩٠-٩٩ | تنقيدي جائزو | ڇهون:- |

# ٻه اکر

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي مشاورتي بورڊ پنهنجي گڏجاڻي سال ۱۹۶۸ع ۾ اهو فيصلو ڪيو ته سنڌي شعبي ۾ پيش ڪيل ٻين مونوگرافن سان گڏ "سنڌي الف-ب جي ارتقا" جي عنوان وارو مونوگراف پڻ ڇپايو وڃي. جيئن ته مذڪور مونوگراف تي نئين سر نظر وجهڻ ۽ ان کي ايڊٽ ڪرڻ جي ضرورت هئي، انهيءَ ڪري انهيءَ مونوگراف کي شايع ڪرڻ ۾ دير ٿي ويئي. انهيءَ سلسلي جا ٻيا هي مونوگراف ۽ ٿيسز هن کان اڳ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا:

( ) سنڌي غزل جي ارتقا ۱۹۶۶ع
(۲) سنڌي افسانو ۱۹۶۶ع
(۳) سينڌيون ۱۹۷۰ع
(۴) سنڌي مرثيه نويسي ۱۹۷۱ع
(۵) تمر فقير جو ڪلام ۱۹۷۱ع
(۶) سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ ۱۹۷۱ع
(۷) جهانيان خاندان ۱۹۷۲ع

سال ۱۹۶۸ع ۾ مذڪور مونوگراف پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي صاحب کي ايڊٽ ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو. سال ۱۹۷۴ع ۾ پروفيسر جتوئي صاحب مسودو ايڊٽ ڪري واپس آفيس جي حوالي ڪيو، ۽ ان کان پوءِ ترت ايڊٽ ڪيل مسودو سنڌ يونيورسٽي پريس کي ڇپائيءَ لاءِ موڪليو ويو.

هن وچور مان ثابت ٿو ٿئي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي سنڌي علم ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي. هن دعويٰ جو ثبوت انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل اهي ڪتاب آهن جيڪي سنڌي شعبي ۾ مختلف امتحانن لاءِ مقالي طور پيش ڪيا ويا هئا.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان هن سلسلي کي جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. اميد ته جڏهن اهي مقالا ۽ ٻيون ڇپجي ظاهر ٿينديون تڏهن سنڌ يونيورسٽي ۽ ان جي سنڌي شعبي جي خدمت جو صحيح پتو پوندو.

ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا

هيئن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته خيالن ۽ ارادن جي اظهار جي ٻين ذريعن يا طريقن وانگر لساني طريقو به ڪن اقرار نامن تي ٻڌل آهي ۽ ٻوليءَ جي ڳالهائڻ وقت انهن اقرار نامن تي عمل ڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح انسانن جي واتان نڪرندڙ يا نڪتل آوازن ۽ ٻوليءَ ۾ وڏو فرق ٿي پوي ٿو. سندن خيال مطابق ٻولي (La Language) انسان جي انهن سمورن گفتن (La Parole) مان، جيڪي هو پنهنجي واتان ڪڍي ٿو، ڪن خاص آوازن تي مشتمل آهي. ٻوليءَ جي سلسلي ۾، انسانن جا پاڻ ۾ ڪئين غير شعوري اقرار ناما (Unconscious agreements) ٿيل آهن، جن مان ڪي هي به آهن ته، واتان ڪڍيل آواز (Phones) صوتيا (Phonemes) صاف ۽ سمجهڻ جهڙا هوندا، ۽ انهن صوتين جي ميلاپ(Combination) ڪري لفظن جا جيڪي ٻا ڱا صرفيا( Morphemes ) يا لفظ ٺهندا، سي ڪنهن مقرر معنيٰ ۽ مفهوم جا حامل هوندا(١).

مٿي بيان ڪيل ڪجهه راين ۽ نظرين کي مدنظر رکي، اسين هن نتيجي تي آسانيءَ سان پهچي سگهون ٿا ته ٻولي، اهڙن اچار يل ۽ بامعنيٰ آوازن کي چئبو آهي جيڪي هڪ ماڻهو اچاري ۽ ٻڌندڙ (سا ڳي ٻولي ڄاڻندڙ ) انهن کي سمجهي ۽ انهن مان سا ڳيو مطلب يا مفهوم حاصل ڪري.

## تحرير:

جهڙي طرح ٻولي، انسان جي خيالن، احساسن ۽ ارادن جي ترجمان آهي، تهڙيءَ طرح تحرير يا لکڻي (Writing)، سندس

(1) Honigmanum: "The World of Man". Harper. New York., 1959, Chapter 32. Linguistic Communication. pp. 534-5.

ٻوليءَ جي ترجمان آهي (١). ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته انسان پنهنجي خيالن ۽ ارادن کي ٻين تائين پهچائڻ لاءِ، تصويرن کان به ڪم ورتي سگهي ٿو، ان ڪري محض ”تحرير“ کي انسان جي ٻوليءَ جو ترجمان چوڻ درست نه آهي(٢). هيءُ خيال ڪنهن حد تائين صحيح به آهي، پر ان جي وضاحت لاءِ پيا ماهر به موجود آهن. هو لکن ٿا ته برابر تصويرن رستي به انسان پنهنجو پيغام ٻين تائين پهچائي ٿو، پر ان تصويري تحرير (Pictographic-Writing) کي ٻوليءَ جو پورو ترجمان نه چئي سگهبو.

تحرير، جنهن مان مراد ٻوليءَ جي اچارن کي حرفن ۾ اکرن ۾ قلمبند ڪرڻ آهي، سا ٻوليءَ جي لفظن ۾ پيش ڪيل خيالن کي، صوَري نموني ۾ نه پر صوتي لحاظ کان، پنهنجي حرفن ۾ سمايل رکي ٿي ۽ معنوي لحاظ کان ٻوليءَ جي لفظن ۾ پيش ڪيل خيالن يا مفهوم جي به حامل ٿئي ٿي(٣). اهڙي تحرير کي پڙهڻ وقت اهي سا ڳيا خاص آواز اچاريا ويندا، جن لاءِ ان ۾ مقرر حرف، ۽ لفظ استعمال ڪيا ويا هوندا. سا ڳئي وقت ان تحرير مان مطلب ۽ مفهوم به اهوئي ڪڍيو ويندو جو مقصود هوندو؛ ان مان ثابت ٿو ٿئي ته تحرير جو تعلق سڌو سنئون ٻوليءَ سان آهي.

---

(1) Mario Pei: "The story of Language", Part I, Chapter IX, p.80.

(2) Lynd Ward: quoted by E.H. Sturterant in his "An Introduction to Linguistic Science". (New Haven. Yale University Press: U.S.A) 1960. pp. 19-20.

(3) "An Introduction to Linguistic Science", Chap. IV, pp. 30-31.

گهڻو گهڻو اڳ جيئن قديم انسان جي ذهني ۽ شعوري ترقي ٿي ۽ هو مهذب بنجڻ لڳو تيئن هن جي آڏو ڪي اهڙيون ڳالهيون به هيون جن جو وسري وڃڻ هن پنهنجي لاءِ نهايت ئي خطري جو باعث ڄاتو، ان ڪري هن انهن ڪي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ لکي ڇڏڻ ضروري ڄاتو. ساڳي وقت پرانهين پنڌ تي پنهنجي پيغام پهچائڻ لاءِ به هن کي ڪنهن اهڙي طريقي جي درڪار هئي. ان قديم انسان وٽ هاڻ مال متاع به هو ۽ جنهن جي انگن اکرن رکڻ ۽ پنهنجي ئي ڪنهن حساب ڪتاب رکڻ لاءِ به هن اهڙي ڪا وات ڳولي پئي. انهن سڀني ڳالهين جي مدنظر ان قديم انسان سوچيو ۽ آخر هن لکڻ جو هڪ طريقو ايجاد ڪيو (١). اول هو شڪليون ڪيڻ سکيو ۽ انهن جي ذريعي پنهنجي مطلب جي اظهار جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. مثال

طور "ماڻهو لاءِ  ۽ ماڻهوءَ جي اک لاءِ  ۽ "سج" لاءِ 

اهڙيون شڪليون ان قديم انسان پٿر تي اڪيري ٿي ڇڏيون، يا وري چيڪي مٽيءَ جي تاڪن تي اهڙيون شڪليون اڪيري انهن کي باهه ۾ پچائي پڪيون تختيون ڪري ٿي رکيو. مٽيءَ جي تاڪن جي استعمال جو رواج ڏکڻ ميسوپوٽيما جي رهاڪن سميري ماڻهن ۾ هو.

**ڪيونيفارم:** (Cuneiform)

چار هزار سال قبل مسيح يعني اڄ کان تقريبا ڇهه هزار سال اڳ ڏاري عراق ۾ سميرين هڪ قسم جي نئين رسم الخط ايجاد ڪئي جنهن کي ڪيونيفارم (Cuneiform) چئجي ٿو. ڏسو تختي ١٠

(1) "The Outline of Literature." Edited by J. Drinkwater (Revised Edition). George Newnes. London. 1959. p. 1.



( تختي — ١ )




( تختي ۳۰ )

انهن عالمن جي راءِ مطابق ان وقت انسان محسوس ڪيو ته ماڻهو جيڪي به ڳالهائي ٿو، سو سڀ ڪن ٿورن آوازن تي مشتمل آهي. ان ڪري جيڪڏهن هر آواز لاءِ ڪو اکر يا حرف مقرر ڪيو وڃي، ۽ بعد ۾ انهن سڀني حرفن کي ترتيب وار لفظن جي صورت ۾ لکيو وڃي، ته اهو طريقو نهايت سولو ۽ ڪامياب ثابت ٿيندو (۱). ڇاڪاڻ ته ميخي خط، سڀني شڪن ٿوڙي انساني خيالن جي ڇاڻٽ ۽ اظهار لاءِ اچا ڪارگر نه هو (۲)، تنهن ڪري

(1) "Chamber's Encylopaedia", Vol. I, "Alphabet".

(۲) ڇيو وڃي ٿو ته "ميخي خط" پهرين عيسوي صدي جي شروعات يا ان کان ٿورو وقت اڳ تائين استعمال ۾ رهيو.


الحروف النسخية
الحروف الكوفية
ا
ب
ج
د
ه
و
ز
ح
ط
ى
ك
ل
م
ن
س
ع
ف
ص
ق
ر
ش
ت

محقق ۽ خود عرب عالمن انهن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي ۽ پڻ هن ڳالهه کان به انڪار ڪيو آهي ته ڪو عربي ۾ اڳ مورڳو ٻاويهه حرف هئا. ان جي ابتڙ انهن ڇهن ابجدي لفظن سان ٻـــه لفظ ثخـــذ، ۽ ضظغ به موجـــود هئا جنهن لحاظ کان عربي "الف-بي" جا ڪل اٺاويهه حرف ٿين ٿا. ( ڏسو چارٽ ـــ ١)

ا ب ت ث ج ح خ

د ذ ر ز س ش

ص ض ط ظ ع غ

ف ق ڪ ل م ن

و ه ء ي

(چارٽ ـــ ١)

# باب ٻيون

## سنڌي ٻولي ۽ قديم رسم الخط

### قديم زمانو:

پهرين باب ۾ ذڪر ڪري چڪا آهيون تہ الف-بي جي حرفن جو تعلق ٻوليءَ جي اچارن سان آهي؛ ان ڪري موجوده سنڌي ٻوليءَ جي الف-بي جي ابتدا ۽ ارتقا کي جاچڻ سان گڏ، ان ٻولي جي ابتدا ۽ ارتقا ۽ پڻ ان جي اچارن جي اصليت ۽ تاريخ کي بہ ڏسڻو پوندو. قديم زماني ۾ سنڌ جي رهاڪن جي ٻولي ڪهڙي هئي تنهن بابت جيتوڻيڪ اڃ تائين ڪو قطعي فيصلو ڪري نہ سگهيو آهي، تہ بہ تاريخ جي مطالعي جي آڌار تي ڪنهن نہ ڪنهن نتيجي تي ضرور پهچي سگهجي ٿو. ڪنهن زبان يا ٻولي جو مطالعو، يقيناً ان قوم جو ئي مطالعو آهي. اسانکي ڏسڻو آهي تہ قديم سنڌ جا رهاڪو ڪير هئا ۽ سندن ٻولي ڪهڙي هئي؟ اڄ کان اڳ، سنڌ جي انهن قديم رهاڪن بابت ڪيترا خيال ظاهر ڪيا ويا آهن. ڪن جي چوڻ مطابق "ڪول"، ڪن جي چوڻ مطابق "دراوڙ" ۽ ڪن جي خيال موجب اهي ٻئي قومون سنڌ ۾ رهنديون هيون؛ ۽ اهي ماڻهو يا تہ آسٽريليا کان آيا يا هندستان ۾ ئي رهندا هئا. ڪن جي چوڻ مطابق "مهذب دراوڙ" يونوچ سمنڊ کان آيا. پر دراوڙن کي ان نالي سان ڇو ٿو سڏيو وڃي، تنهن بابت اختلاف آهن. ڪي مورخ لکن ٿا تہ اهو نالو

ان قديم زماني جي تحريري ثابتين نه ملڻ ڪري اسين ان وقت واري سنڌ جي ٻوليءَ بابت ته ڪجهه به نه ٿا چئي سگهون. مگر ان زماني ۾ ڪا ٻولي ضرور هئي، ۽ اها گهڻو اڳ باقاعدي لکجڻ ۾ به پئي آئي. موهن جي دڙي مان هٿ آيل سينئي نشانين (Signs) مان ڪل اٺهٺ نشانيون ڌار ڪري، انهن کي تحرير يا الف - بي جون بنيادي نشانيون (Basic Signs) يا حرف چئي وڃو آهي. (ڏسو تختي-٦).

BASIC SIGNS

सिन्धुलिपि के मौलिक अक्षर



(تختي-٦)

ليڪن اهو وري به نه ٿو چئي سگهجي، ته آيا اهي نشانيون ٻوليءَ جي اچارن لاءِ حرف مقرر ڪري پئي ڪم آنديون ويون يا مورڳو مثالي هيون. پر جي فرض ڪجي ته اهي نشانيون قديم سنڌين جي ”الف - بي“ جا حرف آهن، ته به انهن حرفن جي ذريعي ان زماني واري ٻولي، يا ان جي اچارن بابت، ڪجهه چوڻ درست نه ٿيندو.


قديم هند ـ سنڌ جا ٻه مختلف خط
آواز
خروشٽي
A B G D E F (W) Z H TH I K L M N X (SH) O P S Q R S T

( تختي — ٧ )

ان بابت ڪجهہ چوڻ لاءِ اسان وٽ ڪابہ ثابتي نہ آهي. محض گماني طرح چئي سگهجي ٿو تہ اهو خط ملڪ جي قديم رهاڪن ۾ پوءِ رائج رهيو هجي ۽ شايد ان بعد سامي - سبائي خط جي پهچڻ ۽ عام استعمال ۾ اچڻ جي ڪري خودبخود ختم ٿي ويو هجي. سامي - سبائي خط جنهن تي پوءِ برهمڻن "براهمي لپي" نالو رکيو، تنهن جا پاويهہ حرف هٿ اچي سگهيا آهن. ڪن عالمن جو اهوئي رايو آهي، تہ "قديم براهمي لپيءَ" ۾ اصل فقط پاويهہ حرف صحيح هئا، ۽ ماترائون هيون ئي ڪين (١). اڻين تہ ٿو ٿي سگهي تہ قديم زماني ۾ جيڪي بہ زبانون، ان خط ۾ تحرير ڪيون پئي ويون، تن سڀني ۾ هرو پرو بہ پاويهہ حرف هئا، ۽ پيا هئا ئي ڪين. جڏهن تہ سنڌ جي قديم ٻوليءَ جي ڪابہ تحرير موجود نہ آهي، تڏهن ان لاءِ ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي. مگر گمان غالب آهي تہ سنڌ جي ٻوليءَ ۾ ڪن اچارن جي ڦير گهير يا واڌاري ڪري ان خط ۾ پيا بہ ڪي حرف وڌايا ويا هجن، يا خط جي نموني (Form) ۾ ڪابہ تبديلي آندي وئي هجي. اسانجي خيال موجب پراڪرتي دور ۾ اهو خط هند جي مختلف پاڱن ۾ ٿوري ڦيرگهير سان، لکيت ۾ ڪم آندو پئي ويو. خود سنڌ ۾ بہ اهو خط رائج هو ۽ آهستي آهستي ان جي صورت بدلجي واڻڪي "اٺوڙي" واري ٿي. سنسڪرت جو گرامر نويس پاڻني (٢).

---

(١) مسٽر ڀيرومل: "قديم سنڌ"، ص ٤٩٥.

(٢) پاڻني بابت عام اڻين چيو وڃي ٿو تہ هو ڇهہ سو سال قبل مسيح ڌاري ٿي گذريو آهي، پر جنهن صورت ۾ يوناني خط جو ذڪر ڪيو اٿس تنهن صورت ۾ هو سڪندر اعظم کان اڳ جو ٿي ٿو سگهي، جو ٣٠٠ سال قبل مسيح ڌاري هت آيو هو.

هند ۾ هڪ ٻئي خط "يواني" يا "يوناني" جو به ذڪر ڪري ٿو (١). اهو خط شايد سنڌ ۾ رائج نه هو. البته هن ئي زماني ۾ "خروشتي خط" اتر اولهه هند ۾ رائج ٿيو، جنهن جو زمانو لڳ ڀڳ ٽين صدي عيسوي تائين ڇيو وڃي ٿو (٢)؛ ساڳيو خروشتي خط سنڌ ۾ به رائج هو ۽ ڪجهه وقت اڳ ان خط جون ثابتيون، ڪشن گهراڻي جي بادشاهن جي اڏيل ٺلن ۽ قلعن تي موجود هيون (٣).

(1) "India in European Literature & Thought", (Legacy of India), O.U.P. 1951.

(2) "Encyclopaedia Britannica", Vol. I, "Alphabet".

(٣) ڀيرومل: "سنڌي ٻولي جي تاريخ"، ص ٢٣

رواج پيدا ٿيا، جن انهن جي جاءِ والاري. انهن حالتن ۾ ڏسجي ٿو ته سنڌي رسم رواج، هلت چلت ۽ اخلاقي لحاظ کان عربن جهڙا بنجي ويا (١). مذهب اسلام جي ڪري جڏهن سنڌين جا پراڻا عقيدا ۽ اعتقاد ٽٽا تڏهن انهن جي جاءِ تي سنڌن ذهنن ۾ نوان نوان ويچار ۽ نوان تصور ۽ تخيل، احساس ۽ امنگون پيدا ٿيون. مطلب ته دين اسلام سنڌن ذهني لاڙن ۽ خود ڪيفيتن کي به بنهه بدلائي ڇڏيو؛ جنهن ڪري مسلمان سنڌين جي رهڻي ڪرڻيءَ ۾ هڪ زبردست ڦيرو آيو.

ٻولي، انسان جي خيالن، احساسن ۽ ارادن جي اظهار جو ذريعو آهي. جڏهن انسان جي انهن سڀني ڳالهين ۽ پڻ سندس عملن ۾ تغير ۽ تبديلي اچي ٿي، تڏهن لازم آهي ته سندس ٻولي جي نفس ۽ نفسيات ۾ ڦيرو اچي (٢). انهن ڳالهين جي ڪري سنڌي ٻولي جي نفسيات بدلي، ۽ ساڳئي وقت نون نون اوزارن، ڌنڌن، هنرن ۽ ڪمن جا ڪئين عربي نالا ۽ ڪئين ٻيا عربي لفظ به سنڌي ٻولي ۾ داخل ٿيا؛ جنهن ڪري ان جي "لغاتجي تمدني سرمايي" ۾ به وڏو واڌارو ٿيو. "انهن مڙني ڳالهين وري ان جي صرف ۽ نحو تي دائمي اثر وڌو؛ جنهن ڪري هڪ جامع ۽ ادبي ٻولي ٺهي راس ٿي" (٣).

سنڌي ٻوليءَ جي لساني حقيقت ۽ حيثيت کي ڇڏي، محض ان جي صوتي ڪيفيت کي جاچڻ لاءِ جيڪڏهن اسين عربن واري دور تي نظر وجهون ٿا ته، خوش قسمتيءَ اسان کي ان دور جي

---

(1) "Legacy of India", p. 288.

(2) "Mario Pei. "The Story of Language", pp. 20, 1477.

(٣) "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ص...

ڇچ نامي ۾ آيل مٿي مثال طور ڏنل لفظن مان ايترو پتو ضرور پوي ٿو ته ٣١٦هه ڌاري نئين سنڌي اچارن لاءِ عربيءَ ۽ فارسيءَ حرفن ۾ ڦيرڦار جي ترڪيب ان ئي دور ۾ شروع ٿي چڪي هئي. مثال لاءِ هيٺيون نقشو ملاحظو فرمايو.

| نئين سنڌي آواز ڏيکاريندڙ حرفن جي هاڻوڪي مقرر ڪيل صورت | ڇچ نامي ۾ مقرر ڪيل صورت |
| --- | --- |
| ٻ | ب |
| ڀ | ٻه |
| ٿ | ت |
| ٽ | ت |
| ٺ | ت |
| ڦ | ؟ |
| ڄ | ج |
| جهه | جهه |
| ڃ | ؟ |
| ڇ | ؟ |

(هلندڙ حاشيو صفحو ٣١ جو)

هر ٻولي جي بنيادي طرح ڪي پنهنجا آواز هوندا آهن جن ۾ ٻيءَ ٻيا آواز ٻين اثر انداز ٻولين مان ايندا آهن. اهي آواز نه سنسڪرت ۾ آهن نه وري يوناني، ايراني، عربي ۽ انگريزي ٻولين ۾ آهن: تنهن ڪري اصلوڪا سنڌي آهن.

نوٽ: سنڌيءَ جي اچارن چهڙڪ **ٻ، ڄ ۽ ڳ** لاءِ ڇچ نامي ۾ فارسي حرف **چ، پ ۽ ک** (ڳ) تحرير ڪيا ويا آهن. ان مان ثابت آهي ته فارسي جا اهي ٽئي حرف، سنڌيءَ جي ساڳين اچارن لاءِ انهي دور ۾ مقرر ڪيا ويا، ۽ بعد ۾ ساڳيا ئي حرف قائم رکيا ويا. جي اڄ تائين ان صورت ۾ مقرر آهن.

| | |
|---|---|
| ڌ | دھ |
| ڏ | د |
| ڊ | د |
| ڍ | دھ |
| ڙ | ر |
| ڪ | ک |
| ڳ | ؟ |
| گھ | ق ؟ (عربي) |
| ڱ | ک ( گـ ) |
| ڻ | ن |

مٿئين چارٽ کي ڏسڻ کانپوءِ هيءَ ڳالهه البت ڌيان ۾ رکڻي پوندي ته ان وقت جي انهن عربي ۽ فارسيءَ جي مصنفين سنڌي لفظن کي لکڻ وقت، سنڌي الف - بي ٺاهڻ جو ڪو قصد ڪري، نه سنڌي اچارن لاءِ مٿيان حرف مقرر نه ڪيا، پر محض پنهنجي مقصد کي ظاهر ڪرڻ خاطر، انهن اهي حرف مقرر ڪيا ۽ لکيا. تاهم ڏسو ته اڳتي هلي پڻ فارسي دانن به اهائي وات ورتي، ۽ نه سنڌي اچارن کي انهن ئي حرفن ۾ تحرير ڪيو. آخر تائين به انهن حرفن جي بنيادي صورت ته قائم رهي، البت منجهن ٿورو مدارو آئي، انهن کي موجوده الف - بي، واري شڪل ۾ آندو ويو.

چچ نامي ۾ پيش ڪيل سنڌي لفظن لاءِ اسان ڏٺو ته سنڌي ٻوليءَ جا لفظ ۽ حرف، فارسي صورتخطيءَ ۾ ڪيئن لکيا ويا. ليڪن اها ڳالهه اسان رهائي ڇڏي، ته "موجوده سنڌي الف - بي" جي ابتدا ڪهڙي "الف - بي" مان ٿي، ۽ اها "الف - بي"ڪڏهن

۽ ڪيئن سنڌ ۾ پهتي ۽ انجي عام رواج ۾ اچڻ جا ڪهڙا سبب هئا. پڻ ان ”الف - بي“ ۾ سنڌي ٻوليءَ ڪي ڪيئن قلمبند ڪيو پئي ويو. بهرحال معلوم هئڻ گهرجي ته، ”موجوده سنڌي الف - بي“ جي ابتدا عربن جي اچڻ کان پوءِ، سنڌن ئي دور ۾، عربي ”الف - بي“ جي ٢٩ حرفن (چارٽ ١) جي رواج ۾ اچڻ سان ٿي.

ا ب ت ث ج ح خ

د ذ ر ز س ش

ص ض ط ظ ع غ

ف ق ڪ ل م ن

و ھ ء ي

(چارٽ - ١)

عرب مسلمان هئا ۽ مذهب اسلام جو جهنڊو کڻي اٿيا ۽ وڌيا هئا. اسلام جي تبليغ ۽ تعليم کي هنن اولين فرض سمجهيو ٿي؛ ان ڪري جتي جتي هو پهتا ٿي اتي يڪدم هنن منبر، محراب ۽ منارا اڏيا ٿي، ۽ مسجدون ۽ مدرسا قائم ڪيا ٿي. ديبل فتح ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم جيڪو پهريون پهريون ڪم ڪيو

ويا. موجوده سنڌي ”الف - بي“ جي ارتقا ڪلهوڙن واري دور ۾ باقاعدگيءَ سان معلوم ٿئي ٿي. ليڪن هيءَ ڳالهه به ڏيان ۾ ڌرڻ گهرجي ته عربن واري وقت کان وٺي ڪلهوڙن واري وقت تائين، عربي ”الف - بي“ جي استعمال وارو دائرو وڏي ويل هو ۽ گهڻا جهونا خط، جي اڳي سنڌ ۾ رائج هئا سي ان وقت تائين ختم به ٿي چڪا هئا. ڪي ٿورا خط پوءِ به موجود هئا، جي ميرن جي دور جي آخر تائين رائج رهيا. بهرحال ڪلهوڙن واري وقت ۾ ڪن خاص سببن ڪري اها ضرورت ڏاڍي محسوس ٿي ته نج سنڌي اچارن جي اظهار جي ڪنهن به صورت ۾ گنجائش پيدا ڪئي وڃي، يعني عربي ” الف - بي “ جي ۲۹ حرفن ۾ ڪن جي اضافي يا مرڪب اچارن لاءِ، مفرد حرفن کي ملائي مرڪب حرف بنائڻ سان، واڌارو آندو وڃي؛ انهيءَ لاءِ ته سنڌي ٻوليءَ کي آسانيءَ سان تحرير ڪري سگهجي ۽ ان مان ڪنهن ٻولي پڙهڻ جو امڪان نه رهي. ان ضرورت جو پوراڻو ڪهڙيءَ طرح ڪيو ويو يا عربي، ” الف- بي“ کي وڌائي موجوده سنڌي ” الف - بي “ جي اوائلي صورت ڪهڙي نموني ۾ پهاري ويئي سو، سارو بحث ايندڙ باب ۾ ڪجي ٿو.

| | |
|---|---|
| ڦ | ف ۽ ڦه |
| ڄ ۽ جهه | ج |
| ڃ | نج |
| ڇ | ڇه |
| ڏ | د ۽ ده |
| ڎ | ڊ |
| ڊ | در |
| ڍ | ڊ |
| ڙ | ر |
| ڪ | که |
| ڳ ۽ گهه | گ |
| ڱ | نگ |
| ڻ | ن |

خبر نہ ٿي پئجي سگهي تہ هاڻوڪي صورت وارن نہ سنڌي حرفن لاءِ، مخدوم ابوالحسن جي مقرر ڪيل صورتن کي ڏيکارڻ وقت مسٽر محمد صديق ميمڻ جي آڳيان "مقدمہ الصلوات" جو ڪو قلمي نسخو موجود هو يا ڪو اوائلي قــديم ڇاپو، ليڪن سندس تصنيف ادبي تاريخ - جي پهرين ڀاڱي ۾ ذنل "عربي- سنڌي صورتخطي" واري بيان ۾ مخدوم ابوالحسن بابت ذنل باب جي مطالعي ۽ سندس طرفان ذنل مثالن مان گهڻي قدر معلوم ٿو ٿئي تہ سندس آڏو ڪو قديم ڇاپو موجود هو. جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ پوءِ مسٽر محمد صديق جو ان ڇاپي جي آڌار تي اهو چوڻ تہ مولوي صاحب (مخدوم ابوالحسن) نہ سنڌي حرفن لاءِ

(١) ساراهجي سُو ڏاڍي سڳنڌو جنهن فرمان
منجهنو سڙن مؤمن آنــدا ايمان
تــه ساراهي سيڪو مٺيج پڻاندر پــاڻ
مارو ميرو پڪو پــري ماڪ مـــت مڃاڻ

(ص - ٥١)

(٢) مـــه پاڻه ســـر مسعو ڏونئي پير پئي
چتيڙي ڏاڙي ســـپ پسائي گـــاڻي مٿاء

(ص - ٥١)

(٣) مٿي منجها چوٿو پانگه مکي فـــرض ڪئيج
پير پئي ڳرپــا مٿي ڌوئي پاڪ ڪريج

(ص - ٥٣)

(٤) هيڪ ايت ڪرڻ وضو ئجي پئو جوئي جيٽيڻا
ٻري ترتيب وضوء جي چوٿو هيرئا پوء هيرئو

(ص - ٥٤)

(٥) تانهي پـــڙ وضوئجي دلس هـــي دعـــا
جڏه وٽا ويڙو ٿـــي ڊاري لنگـــه ڊڪئا

(ص - ٥٥)

(٦) پهراء غاسل پـــاڻ ڪري وضـــو سجوئي
تهانپوء ڪـــري قـــڙو تيختو ڌوئـــي

(ص - ٦٦)

(٧) ســـودو ڪرهيم سڦرو ڇپهه ۾ نـــاله ڇيو

(ص - ٦١)

افسوس آهي جو اسان کي مخدوم صاحب جي ڪتاب "مقدمة الصلواة" جو نه ته ڪو قلمي نسخو هٿ اچي سگهيو ۽ نه وري ان ڪتاب جو ڪو قديم ڇاپو ملي سگهيو. "مقدمة الصلواة" جو هڪ ڇاپو جو سنه ١٣٢٧ هجري ۾ ڪريمي پريس بمبئي ۾ ڇپيو ۽ جو رسم الخط جي لحاظ کان، بعد ۾ سڌاري لکيل ۽ ڇپيل آهي، سو اسان جي آڏو موجود آهي، جنهن مان ڪي مثال


قاعدو سنڌي الف ب جو
عربي حرفن سواءِ جي حرف تنجا
مثال هيٺ لکيل آهن

( تختي – ٨ )

(٧) ڏونگر ڪٿو راياءِ تيه آهي وڏائي ڏاڍا
(ص ٤٠)
(٨) ۽ ڏهه جيه وقت آپ آئوڙيا پهچن ما ڪينئا
نيه پنجانان ٿو ري جيئي سي واري وڍيا
(ص ٦٠)
(٩) تڪرار ڪئاءِ سڏ جو موتي ڪي پيرا
تڏه مه ڪٿو ڪئو ته ڏونه، پيغمبر خدا
(ص - ٤٤)
(١٠) پڻ پئون ۽ سپ چڏڻاءِ نهتي ڪسارن عذابا
(ص - ١٦)
(١١) چيياءِ سڏ ڪري ڪي پهچي والدا
(ص - ١٦٠)
(١٢) تسوني ڏونگر سي ڪر ٻاني جا دريا
ڪ اقسام انن جا ڪ، جيڪي ٿسول ٻيا
انگاري اربعا ڏينهه، ۾ سي صاحب تمام ڪيا
(ص - ٣٨)
(١٣) جيڪي ڪجن سچيه ورهه، ۾ منجهه ٻين ڏينهن
لڪجن هيڪهيڪڙي چنگائي جا ان ڏينهن منجهه ڏهن
(١٤) تڏه ٻنڌاياءِ تهڪي چو ڪيو چو ڏارا
پڻ ڪوراياءِ چار ڪيري تهجي انگرن تا
(ص - ١٦٣)
(١٥) ڪي گهرلو نباحد ٻرس زنجير ڪٿين
ڪن هوندا مه اڇا ڪر نور ٿا ون
(ص - ١٩٥)
(١٦) جه ڏينهه، پدرو ڪيو گجن ڪي جي قلبن منجهه لڪا
(ص - ١٢٣)
(١٧) تڏه ڪئي ڪئو هت ۾ نيڪري وهڻ پٽ مٿا
پڻ دعا گرڻاءِ ڏئي ڪان سو گهٽي ڙضرعا
(ص - ١٠٢)

(١٨) ته ڏيري لک پايَن عرش ڪري خالق خلقئا
پايو پايو سندي هيڪڙي ويڪرائي اِهسا
جنهيءَ ستر هزار پانگن تيهرا جوهڙي سڄي دنيا
(ص ١١٤)

(١٩) پڻ ٿيندي نماز حجت ڪارڻ تنه سندس چئو نڪو
(ص ٣٨٦)

۽ مروئن فازيندرن جا جوهڙا سينه ۽ چيئا
(ص ٤٤٨)

مخدوم ابوالحسن ۽ مخدوم محمد هاشم جي ڪتابن جي ڇاپن مان مٿي ڏنل مثالن جي رسم الخط مان صاف طرح ظاهر ٿيو ته انهن ۾ نيم منٿي آوازن وارا حرف مختلف صورتن ۾ لکيا ويا آهن. نيم منٿي آواز ڏيکاريندڙ حرفن مان، ڪن حرفن جي مختلف صورتن کي ڏسڻ لاءِ مخدوم عبدالله جي تصنيف جي جهوني ڇاپي (١) مان ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:-

(١) تهلانـه پڇيا سڀي پانڌ قيام ٿيندا سبا
(ص ١٨٩)

(٢) ته ڏي تن سيرهي صور ۾ ڦوڪ ٻه پهرا
(ص ١٧٤)

(٣) تيه پڄاڻان ٿيندو حضرت عيسيٰ جو نزول اين ڪنا
(ص ٦٤)

(٤) تيه سڀا بدعتئ ظاهر ٿيسي تن معتزلن هتا
(ص ٨٨)

---

(١) اسانکي هٿ آيل ڇاپي جي منڍ وارا صفحا غائب آهن، جنهن ڪري ان ڪتاب جو ڇاپو نالو ڪم ٿي ويو آهي نه ڪٿي به ننو ملي. البته سڄي ڪتاب ۾ مخدوم عبدالله جو نالو (عاصي عبدالله) ٻه دفعا آيل آهي. ڪتاب ۾ قيامت جو ذڪر آهي. رسم الخط جي لحاظ کان ڪتاب جو هي ڇاپو جهونو آهي.

(٥) ٿانسيئي ڏک ڏولاءِ نہ لهي ماڙوئن ميرن مٿا
(ص ١٢٩)

(٦) ۽ پڻ ميڙوءُ مسجد منجهہ اچئو ٿا ڪندا مڙ وڙا
(ص ٥٢)

(٧) پڻ زمين چڏيندي آوڳاريو مسال پيٽ منجها
(ص ١١٧)

نج سنڌي آوازن واري حرفن جي شڪلي ارتقائي ڪجهہ بحث ڪرڻ کان اڳ مذڪور ميئي مثالن جي آڌار تي هڪ نقشو هيٺ ڏجي ٿو، تہ جيئن چڱيءَ طرح معلوم ڪري سگهجي تہ انهن حرفن کي ڪاهوڙن خواه ميرن واري دور ۾ ۽ پڻ ڪجهہ وقت بعد ۾ بہ ڪهڙين ڪهڙين صورتن ۾ لکيو پئي ويو آهي :-

| نج سنڌي اچارن وارن حرفن جي هاڻوڪي صورت | ڪاتبن جون لکيل مختلف صورتون | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | (١) | (٢) | (٣) | (٤) | (٥) |
| ٻ —— | ب | — | — | — | ٻ |
| ڀ —— | ب | ٻ | پ | — | ڀ |
| ٿ —— | ت | — | — | — | ٿ |
| ٽ —— | ٹ | ٽ | ٽ | ٽر ٽر | ٽ |
| ٺ —— | ث | — | — | — | ٺ |
| ڦ —— | ڤ | ڦ | — | — | ڦ |
| ڄ —— | ح | ڄ | — | — | ڄ |
| جھ —— | ج | — | — | — | جھ |
| ڃ —— | ج | ح | — | — | ڃ |
| ڇ —— | ڇ | — | — | — | ڇ |
| ڌ —— | ڌ | — | — | — | ڌ |
| ڏ —— | د | ذ | ڈ | ڏ | ڏ |
| ڊ —— | ڊ | — | — | در - ڊر | ڊ |

| | |
|---|---|
| ٽ ـ ٽ (ٽر) | ٽ |
| ٿ | ٿ |
| ڦ | ڦ |
| ڄ ـ ڃ | ڃ |
| ج | جھ |
| ڄ ـ ڃ | ڃ |
| ڇ | ڇ |
| ڏ | ڏ |
| ڊ | ڌ |
| ڍ (ڍر) | ڍ |
| ڊ | ڍ |
| ژ ژ | ڙ |
| ک | ک |
| ک ـ گ | ڳ |
| ک ـ گ | گھ |
| ک ـ گ | ڱ |
| ڻ | ڻ |

## هندي يا واڻڪي الف بي




ھرپتگم سنس بڪ ڊپو شاهي بازار سکر ۾ لٽون جي ڇاپيل
هندو سنڌي اکرن جي هڪ چوپڙيءَ تان ورتل.

(ii) سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ۽ فارسي لفظ گڏجي ويا آهن. جيڪڏهن انهن حرفن جون صورتون مٽائي ڇڏيون ته ٻوء لفظن جي صحيح معنيٰ ۽ اصليت بلڪل گم ٿي ويندي. عربي ۽ فارسي حرفن کي اصلوڪي صورت ۾ قائم رکڻ ڪري اهڙي مونجهه پيدا نه ٿيندي، ڇاڪاڻ ته عربي ۽ فارسي ٻولين جون نهايت عمديون ڊڪشنريون موجود آهن.

(iii) مسلمانن جا ٻار هينئر پنهنجا عربي حرفن گڏيل نالا درست ۽ بامعنيٰ لکي سگهن ٿا. جيڪڏهن سنڌي آئيويٽا (الف - بي) مان عربي حرف ڪڍي ڇڏيا ته ٻه مسلمان پنهنجو لاڳاپو عربيءَ ۽ فارسيءَ مان ڪين ڇـڏي سگهندا . ٻوء مشڪلات هيءَ پيدا ٿيندي، جـو مثلاً هڪڙي ڇوڪر جـو نالو آهي ”محفوظ علي“، هاڻي جيڪڏهن سنڌي آئيويٽا مان عربي حرفن جون صورتون ڪڍي ڇڏيون ته پـوء ان ڇوڪر کي اسڪول ۾، مثال خاطر ”موڦو جالي“ لکڻ سيکاريندا . پر ان جا مائٽ ائين ڪڏهـن به ڪين پسند ڪندا، ته هڪ بامعنيٰ ۽ درست نالو، بلڪل بي معنيٰ ۽ غلط صورت ۾ ٻار کي سيکارڻ ڏين.

(iv) سترهين صديءَ جي وچ کان وٺي هـن وقت تائين مسلمانن عربي صورتخطيءَ ۾ پنهنجي سنڌي ٻـوليءَ جـو تمام ڇڱو لٽريچر (ادب) موجود ڪيو آهـي. جيڪڏهن هاڻي سنڌي آئيويٽا مان عربي حرفن جـون

۾ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جي صدارت هيٺ وري هڪ ٻي ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن اهڙن سڀني لفظن جون وڏيون يادداشتون تيار ڪيون، جي اڃا به جدا جدا نمونن ۾ يا وري غلط نمونن ۾ پيا لکيا هئا. انهن سڀني لفظن جي صورتن کي درست ڪيو ويو، ۽ اهڙيون سڀ يادداشتون. تعليم اخبار، ماه مئي ۽ جون سنه ١٩١٥ع ۾ ڇاپي پڌريون ڪيون ويون.

ٻر حقيقت هيءَ آهي ته اڃ به ڪي لفظ جدا جدا صورتن ۾ پيا لکجن، مثلاً اڃان- اڃا، ماڻهون- ماڻهو، ٻيون- ٻيو وغيره، ۽ اهڙي دستور کي ٻنجو ڏيڻ، شايد مشڪل ڪم آهي، تاهم الف-بي اهائي آهي، جا سنه ١٨٥٣ع ۾ مقرر ٿي.

ٻ - ٻولڙو ،
ت - تارو ،
ٿ - ٿونٿ ،
ٽ - ٽنڊڻ ،
ث - ثواب ،
ٺ - ٺنپ ،
ف - فانوس ،
ڦ - ڦيٿو ،
گ - گڏهه ،
ڳ - ڳيرو ،
ڱ - سڱ ،
ک - کٽ ،
ي - ياقوت ،
د - دهل ،
ذ - ذرو ،
ڌ - ڌوٻي ،
ڏ - ڏيڏر ،
ڊ - ڊيل ،
ڍ - ڍڳو ،
ح - حبشي ،
ج - جت ،
ڄ - ڄڀ ،

ع - عينڪ ،
غ - غاليچو ،
ر - رڇ ،
ز - زنجير ،
ڙ - ماڙي ،
م - مس ،
ن - نٽ ،
ل - لڪڻ ،
س - سان ،
ش - شينهن ،
ق - قلم ،
ص - صندوق ،
ض - ضامن
ڻ - وڻ ،
ط - طوطو ،
ظ - ظالم ،
ھ - هرڻي ،
جھ - جهرڪي ،
گھ - گهوڙو ،
ڪ - ڪتو ،
ء - همزو ،

ڏيڻ جو رواج ڦري ڪيئن ختم ٿي چڪو آهي، ان ڪري ڪڏهن ضمير اشارن جهڙوڪ اهو، اهي، اُهي، اُن، اُن وغيره تي اعرابن نه ڏيڻ ڪري به ڪجهه مونجهارو ٿيو پوي. پر ان لاءِ الڳ ڪڏهن به نه چئبو ته ارڙهن الف ايجاد ڪجن، جي مختلف اشارا ظاهر ڪن!

بهرحال الف‌بي تي اعتراض ڪندڙ خود ان موجوده الف‌بي ۾ لکن ٿا، ۽ ان الف‌بي ۾ لکيل ڪابه شيءِ چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ٿا. حقيقت ۾ الف‌بي جو اهوئي ڪم آهي، ۽ اهو ڪم موجوده سنڌي الف‌بي بلڪل پوريءَ طرح ڏيئي رهي آهي.

جلد شايع ٿي رهيو آهي

# لطيفيات

## شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سوانح
## (ڇپيل ۽ اڻڇپيل) جي ببلوگرافي

مرتب

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

ناشر

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
يونيورسٽي آف سنڌ

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

# The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪانئو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني ۾ چاهيون ٿا ته ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهڻ ۽ هڪ ٻئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو به صدر، عُهديدار يا پايو وجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو به شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو به ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهه ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ.

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر ٻيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)